# ڪيلي جي جديد
# پيداواري ٽيڪنالاجي



DIRECTORATE INFORMATION
AGRICULTURE EXTENSION SINDH

زرعي اطلاعات، زرعي توسيع
زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ

2021-2022

سنڌ اندر ڪيلي جي پوک گذريل هڪ صديءَ کان ڪئي پئي وڃي، سڀ کان پهرين سرڪاري طور تي ڪيلي جون جنسون سال 1913ع ۾ ميرپورخاص جي باغباني واري تحقيقاتي اداري ۾ گهرايون ويون. انهيءَ وقت هيءُ ادارو هڪ فارم اسٽيشن طور ڪم ڪري رهيو هو. شروعاتي طور تي پوکيءَ جي طريقن ۽ ٻوٽن جي فاصلي تي ڪيترائي تجربا ڪيا ويا. نين آندل جنسن مان ڪي جنسون ڪجهه وقت کان پوءِ پاڻ کي سنڀالي نه سگهيون يا پيداوار گهٽ ڏيڻ ڪري انهن جي اهميت گهٽجي وئي. جڏهن ته سال 1919ع، 1937ع، 1958ع، 1959ع ۽ 1972ع تائين ڪيلي جي نين جنسن جو سلسلو جاري رهيو ۽ اهي جنسون بمبئي، مدراس، ڪلڪتي ۽ ملايا مان گهرايون ويون. ماهرن پاران مختلف تجربا ڪيا ويا انهي مان معلوم ٿيو ته سنڌ جو ڏاکڻو حصو ڪيلي جي پوک لاءِ نهايت ئي موزون آهي ۽ اهي علائقا جتي  سامونڊي هوائون وڃي سگهن پيون ڪيلي جي پوک لاءِ سفارش ڪيا ويا. ڪيلي جي پوک لاءِ ٻوٽن لاءِ پاڻ، ٻوٽن جو فاصلو پوکي جي طريقي، ۽ پاڻي جي گهرج مطابق سفارشون ڏنيون ويون. ڪيلي جي بهتر نموني سان سار سنڀال نه ڪرڻ، هڪ ٿڙ پرسان 6 کان 7 اضافي ٻوٽا رکڻ ۽ ساڳي فصل کي 10 کان 15 سالن تائين زمين تي قائم رکڻ ڪري سال 1990 ڌاري بنچي ٽاپ بيماري آئي جنهن سڄي سنڌ جي ڪيلي کي وڪوڙي ڇڏيو ۽ ڪيلو نالي ماتر وڃي رهيو ۽ ڪيلو زرعي ماهرن لاءِ هڪ للڪار ثابت ٿي پيو ڪيلي کي انهيءَ وائرس کان بچائڻ لاءِ زرعي سائنسدانن پاران حڪمت عملي تيار ڪئي وئي جيڪا پوءِ زرعي پرچار وسيلي آبادگارن تائين پهچائي وئي. بيمار ڪيلي کي بچائڻ لاءِ زرعي تحقيق سنڌ پاران نيون جنسون آٽي ٽشوڪلچر وسيلي انهن کي وڌايو ويو ۽ بيماري کان پاڪ ڪيلي جا ٻوٽا آبادگارن کي ڏنا ويا. ڪيلي جي نين

جنسن کي متعارف ڪرايو ويو جهڙوڪ آسٽريليا جون جنسون جي _9 ۽ ڊبليو_ 11، برازيل جي بي _ 10، چائنا جون پي سانگ ۽ پرووم وغيره. پراڻين جنسن جي ڀيٽ ۾ نين جنسن جي پيداوار وڌيڪ آهي ۽ نئين ٽيڪنالاجي اچڻ سبب ڪيلي جي في ايڪڙ پيداوار ٻيڻي ٿي وئي آهي.

## پوکيءَ جا جديد طريقا:

دنيا اندر آسٽريليا ۽ فلپائين ۾ ڪيلي جي جديد طريقي سان پوک ڪجي ٿي ساڳيا طريقا سنڌ اندر به آزمايا ويا آهن ۽ پيداوار انهن ملڪن کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهي يعني هڪ ڇڳي جو وزن 40 کان 50 ڪلوگرام مليو آهي جنهن مان 40 کان 50 ٽن في ايڪڙ پيداوار ملي ٿي، هاڻي سنڌ دنيا جي ملڪن جي ڀيٽ ۾ ڪيلي جي پوک ۾ پوئتي نه آهي ۽ آبادگار محنت ڪن ته ملڪ جو نالو روشن ٿي سگهي ٿو.

## (الف) ايريل ڪرين وارو پوکي جو طريقو

(RAISED BED PLANTING METHOD)

## (ب) پاڻي جي ڦڙي ڦڙي وارو پوکيءَ جو طريقو

(DRIP IRRIGATION SYSTEM)

هن نئين ٽيڪنالاجي تي زرعي تحقيق جا ماهرَ آسٽريليا، فلپائين جي زرعي ماهرن سان گڏ ڪم ڪري رهيا آهن.

## ڪيلي جي ايريل ڪرين واري طريقي جا فائدا:

- ڪيلي جي قطارن جي وچ واري فاصلي وڌيڪ هئڻ ڪري ڇڳن کي پرڻ لاءِ گاڏي (سوزڪي) وچ واري فاصلي ۾ اچي سگهي ٿي.
- ڪيلي جي نڪتل ٽڙن کي ٻاهر اچلڻ جي ضرورت نٿي پوي
- ڪيلي جي قطارن جي وچ ۾ اڇليل پنن کي هر 6 مهيني يوريا ياڻ جي هڪ ٻوري في ايڪڙ ڇٽڻ سان ڪک پن يا ٽڙيون ڳري سڙي نامياتي مادو ٿي پوي ٿو.
- گندگاهه کي ختم ڪرڻ لاءِ گڏيا ڏڙنٽي ڪرڻي پوي

## (الف) اپريل ڪرين وارو پوکڻ جو طريقو

## :(RAISED BED PLANTING METHOD)

زمين جي تياري : زمين کي اونها هر چار ڦاري يا پنج ڦاري سان ڏنا وڃن انهي کان پوءِ گوبل هر هڪ ڀيرو هلايو وڃي ۽ پوءِ زمين کي سنوت ۾ آڻجي ان بعد هڪ هر ڪلٽيويٽر جو هلايو وڃي آخر ۾ چار فوٽ يا اٺ فوٽ ويڪرا اپريل ڪريا تيار ڪيا وڃن هر ڪرئي وچ ۾ ٻه هڪ فوٽ ويڪري نالي تيار ڪجي نالي جي پاسن کان پنجن فوٽن جي فاصلي تي ڏيڍ فوٽ جا کڏا تيار ڪيا وڃن اهي کڏا اهڙي نموني تيار ڪجن جو نالي جي ٻنهي پاسن کان کڏا آمهان سامهان نه هجن.

## ٻوٽن لڳائڻ جو طريقو:

انهن ڏيڍ فوٽ تيار ڪيل هر هڪ کڏي ۾ ٻه ڪلو گرام وٿاڻ جو ڀاڻ وجهي ڀاٽي ڏجي. جڏهن کڏا وٿ ۾ اچن ته پوءِ هر هڪ کڏي ۾ 200 گرام ايس ايس پي ڪيميائي ڀاڻ تري ۾ وجهي ڪيلي جي ٻچن يا ٽڙين کي سڌو ٻيهاري پاسن کان مٽي وجهي ڀرجي ۽ پوءِ پاڻي ڏجي.

## ڪيلي کي ڀاڻ ڏيڻ جي ترتيب:

- پهرئين مهيني ڏيڍ ٻوري ايس ايس پي في ايڪڙ ڏجي.
- ٻئي مهيني ۾ ڏيڍ ٻوري ايس ايس پي في ايڪڙ ڏجي.
- ٽن کان ساڍن ٽن مهينن تائين هڪ ٻوري امونيم سلفيٽ في ايڪڙ ڏجي.
- چئن کان ڇهن مهينن تائين هر مهيني ڏيڍ ٻوري امونيم سلفيٽ في ايڪڙ ڏجي.
- ستن مهينن کان ڏهن مهينن تائين هر مهيني هڪ ٻوري ايس او پي في ايڪڙ ڏجي

## ٻوٽن جي سار سنڀال:

- ڇهن مهينن کان پوءِ ٻوٽن جي پاسن کان اضافي ٻچا ڪڍي اپريل پنڙيءَ جي وچ واري فاصلي تي ڇڏجن تہ جيئن اهي سڙي ڳري وڃن
- انهن نڪتل اضافي ٻچن کي نرسريءَ طور پڻ رکي سگهجي ٿو ان لاءِ جدا زمين جو حصو هر ڏئي تيار ڪجي. گهرج پوڻ تي ڪڍي پوک لاءِ استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو.
- نائين کان ڏهين مهيني ٽڙ مان ڇڳو نڪري ٿو جڏهن ڇڳو تيار ٿي وڃي تہ پوءِ ڇڳو ڪڍي ٽڙ جي پنن کي ڪپي قطارن جي وچ واري فاصلي تي اڇلائجي ۽ ٽڙ کي اتي بيٺل ڇڏجي وقت گذرڻ سان گڏ اهو ڳري پاسي واري ٽڙ کي ياڻ طور ڪتب ايندو.
- سردي يا گرمي ۾ وچ جي فاصلي واري مٽيءَ سان نالين کي پري زمين جي سنوت ڪجي ۽ پوءِ ياڻ ڏجي.

## (ب) ڪيلي جي پوک لاءِ ڦڙي ڦڙي وارو طريقو:

هن پوکيءَ جي طريقي لاءِ بہ زمين جي تياري اپريل ڪرين طريقي وانگر ڪجي ٿي ۽ ڪرين جو وچ وارو فاصلو 12 فوٽ رکيو وڃي ٿو. جيئن تہ هن طريقي ۾ بہ زمين اندر گڏ يا دڙ ڪونہ ٿي ڪئي وڃي، ان ڪري زمين جي هوا لاءِ اڍائي فوٽ اونهيون ناليون پوکي واري پلاٽ جي اندران کوٽيون وڃن ٿيون رستن جي پاسن کان ٻوٽن جي قطارن جو فاصلو 6 فوٽ رکيو وڃي ٿو. ٻوٽن لاءِ کڏا ڏيڍ فٽ جا 5 فوٽن جي فاصلي تي ڪرين جي پاسن کان کوٽيا وڃن ٿا. ٽڙين يا ٻچن کي الف طريقي وانگر لڳايو وڃي ٿو. پر هن طريقي ۾ ٽڙين کي 60 ڊگري پاسيرو رکيو وڃي ٿو ائين ڪرڻ سان ٽڙي جي پٽ کان هڪ يا بہ ٻچا نڪرن ٿا. جڏهن تہ الف طريقي سان پوکيل مادري ٽڙ جي چوڌاري وڏيڪ ٻچا نڪرن ٿا جنهن ڪري اضافي ٻوٽا ڪڍڻا پون ٿا. ڪيميائي ياڻ جي ترتيب الف طريقي واري ساڳي استعمال ڪجي ٿي.

هن طريقن ۾ پاڻي جو طريقو نهايت مختلف هوندو آهي ٻوٽن کي پاڻي

جي لاءِ ربڙ جون ناليون ٻوٽن جي قطارن پر سان هيٺ زمين اندر پوريون وڃن ٿيون .جيڪي ويڪري پائيپ لائين سان جڙيل هجن ٿيون. جڏهن ته ويڪري پائيپ لائين مشين جي سرشتي سان جڙيل رهي ٿي . ڪيلي جي قطارن سان گڏو گڏ نالين مان سنهيون ڏانديون زمين کان ٻاهر ٽي فوٽ اوچيون نڪتل هونديون آهن ۽ هر هڪ ڏانديءَ مٿان چرخي ۾ سوراخ هجن ٿا . مشين هلائڻ سان پاڻي ڦوهاري وانگر ٻاهر نڪري ٿو. ڏسڻ ۾ جيئن ٻوٽن مٿان ماڪ پوندي هجي. پر هن پوکيءَ جي طريقي ۾ ٻوٽن لڳائڻ کانپوءِ ۽ ڦريان هڪ ڀيرو پاڻي عام رواجي طريقي سان ڏجن ٿا. جيئن ٻوٽا تڙين مان نڪري ڦٽي وڃن ۽ ٻوٽا پاڻ سنڀالي وٺن ۽ پوءِ ڦڙي ڦڙي واري طريقي سان پاڻي ڏجي ٿو . انڪانسواءِ اونهاري جي موسم ۾ مئي يا جون مهينن دوران ۽ سياري جي موسم ۾ ڊسمبر ۽ جنوري دوران هڪ ڀيرو پاڻي عام رواجي طريقي سان ڏجن ٿا. ڇو ته انهن ڏينهن ۾ موسم جي شدت وڌيڪ ٿئي ٿي . جنهن ڪري اونهاري ۾ جهولي جي خراب اثرن کان بچڻ ۽ سياري ۾ وري پاري کان بچاءَ لاءِ پاڻي ڏجي ٿو.

## ڦڙي ڦڙي واري طريقي جا فائدا:

- سنڌ ۾ هيءَ طريقو پهريون دفعو متعارف ڪرايو ويو آهي.
- هن طريقي سان ٻوٽا پاڻي سان ڏوپجي وڃن ٿا ۽ ٻوٽن جي پنن تي مٽي نٿي رهي. زمين تي پوسل هئڻ ڪري هر هڪ ٻوٽي کي گهرج موجب پاڻي ملي ٿو جنهن سان ٻوٽا سٺي نموني واڌويجهه ڪن ٿا.
- ڊرپ واري مشين ۾ ڪلاڪ هلڻ سان هر هڪ ٻوٽي کي 20 ليٽر پاڻي ملي ٿو.

- عام رواجي پاڻي ڏيڻ واري طريقي جي ڀيٽ ۾ 75 سيڪڙو پاڻي جي بچت ٿئي ٿي.
- هن طريقي ۾ پاسن کان ٻوٽن جون ويجهيون قطارون ۽ وچ ۾ 12 فوٽ تي قطارون رکڻ سان هڪ ايڪڙ ۾ هڪ هزار ٻوٽن جو تعداد ٿئي ٿو.
- وچ واري قطارن جي 12 فوٽ فاصلي هئڻ ڪري ڇڳن کي ڪيلي جي باغ اندر ڪليل گاڏي ۾ آرام سان رکي سگهجي ٿو.
- قطارن جي وڏيڪ فاصلي هئڻ ڪري هر هڪ ٻوٽي جي سارسنڀال ڪري سگهجي ٿي.
- ٻوٽن کي گهربل خوراڪ ۽ پاڻيءَ جي گهرج پوري هئڻ ڪري ٻوٽا صحتمند رهن ٿا، ٽڙين ۾ جلد ڦر لڳي ٿو ڦريون وڏيون ۽ وزن واريون ٿين ٿيون هڪ ڇڳي اندر ڦرين جو وڏيڪ تعداد هئڻ ڪري ڇڳا ڏگها ۽ وڏيڪ وزن وارا ٿين ٿا. جنهن ڪري ڇڳي جو وزن وڌي وڃي ٿو.

ٻوٽن جو تعداد مناسب هئڻ ڪري باغ اندر آرام سان هر هڪ ٻوٽي کي ڏسي سگهجي ٿو.



# وڌيڪ معلومات ۽ رابطي لاءِ

## هدايت الله ڇڄڙو
ڊائريڪٽر جنرل
زرعي توسيع سنڌ

## غلام مصطفيٰ نانگراج
ڊائريڪٽر زرعي اطلاعات
زرعي توسيع سنڌ

## پتو
**ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات**
زرعي توسيع سنڌ،
بلاڪ-ايف شهباز بلڊنگ حيدرآباد

## فون
0229200108،0229201276

Email:
dir.infoagriext@gmail.com

Dissemination of Agricultural Information among the farming community through demonstration plots & Farmers Field Days, Electronic and Print Media Phase-II